# صوبائي اسيمبلي سنڌ

## نوٽيفڪيشن

## ڪراچي ٢٠ مارچ ٢٠١٤

دفتري داخلا (The Registration) جو (سنڌ ترميم) بل ٢٠١٣ ،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ١۴ فيبروري٢٠١۴ تي پاس ڪيوويو ۽ گورنر سنڌ ١٩ مارچ ٢٠١۴ تي منظوري ڏني،جنهن ڪي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

## دفتري داخلا (The Registration) جو (سنڌ ترميم) ايڪٽ، ٢٠١٣

## سنڌ ايڪٽ نمبر VI، مجريه ٢٠١۴

| | |
|---|---|
| | رجسٽريشن ايڪٽ 1908 (Registration Act) ۾ تبديليءَ آڻڻ وارو ايڪٽ ته جيئن اهو سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪري سگهجي. |
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته هن ڳالهه ڪي مناسب چاتو وڃي ٿو ته رجسٽريشن ايڪٽ (Registration Act) ۾ ڦيرگهير آڻي، ان ڪي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪرڻ جهڙو بڻايو وڃي. |
| | ان لاءِ انهيءَ ايڪٽ ڪي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:- |
| مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement. | 1. (1). هن ايڪٽ ڪي دفتري داخلا (سنڌ ترميم) ايڪٽ، ٢٠١٣ ( The Registration (Sindh Amendment) Act, 2013) چيو ويندو. |
| | (2) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو. |
| ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1908 جي شق نمبر 6 جي تبديلي. | 2. رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 ڪي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لائق بڻائڻ لاءِ، ان جي شق 6 ڪي هن ريت بدلايو ٿو وڃي :- |

| | |
|---|---|
| "6". رجسٽرار ۽ سب رجسٽرار:- صوبائي حڪومت اهڙا عوامي عملدار رجسٽرار ۽ سب رجسٽرار طور رکندي، جيڪي انهن عهدن جي اهليت رکندڙ هوندا ۽ انهن جي گهربل تربيتون ورتل هوندي. اهڙو امتحان پاس ڪيل هوندو يا روينيو ڪاتي جي لاڳاپيل عهدن واري ڪيڊر (Cadre) سميت ڊسٽرڪٽ رجسٽرار [BS-18] جي عهدي تي فائز هوندو." | Amendment of Section 6 of Act No XVI of 1908. |
| 3. تبديليءَ هيٺ آيل ايڪٽ جي شق نمبر 16 جي ذيلي شق (3) کانپوءِ هي اضافو ڪيو ويندو:-<br>"(4) انهن ڪتابن کانسواءِ، جيڪي ذيلي شق (1) جي مطابق فراهم ڪيا ويا آهن، پيو ڪو بہ ڪتاب رجسٽرار يا سب رجسٽرار استعمال نہ ڪندا." | ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي شق 16 جي تبديلي.<br>Amendment of section 16 of Act No. XVI of 1908. |
| 4. تبديليءَ هيٺ آيل ايڪٽ ۾ شق 19 کانپوءِ هي نئون ذيلي شق 19-A شامل ڪيو ويندو:<br>"19-A. هن ايڪٽ جي شامل ڳالهين سان سهمت نہ ڪندڙ دستاويزات، ڪو بہ معاهدو يا دستاويز جيڪو غير منقولہ ملڪيت جي وهنوار تي اثرانداز ٿيندو، ملڪي قانون جي پيچڪڙي ڪندو، ان جي رجسٽريشن نہ ڪئي ويندي." | ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي شق نمبر 19 جي تبديلي.<br>Amendment of section 19 of Act No XVI of 1908. |
| 5. تبديليءَ هيٺ آندل ايڪٽ جي شق 20 جي ذيلي شق (1)، جي لفظن " پنهنجي صوابديدي اختيار موجب انڪار ڪري،" کي ڪڍيو ويندو ۽ "داخلا رکندڙ آفيس" (the register office)، پٺيان "ڪندو" (shall) لفظ جو اضافو ڪيو ويندو. | ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي شق نمبر 20 جي تبديلي.<br>Amendment of section 20 of Act No XVI of 1908. |

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي شق نمبر 21 جي تبديلي.
Amendment of section 21 of Act No XVI of 1908.

6 . تبديليءَ هيٺ آندل ايڪٽ جي شق 21 جي ذيلي شق (4) کانپوءِ هي اضافو ڪيو ويندو.

"(5) لاڳاپيل حدن واريءَ ملڪيت جو ڪو بہ اهڙو بي وصيعتو دستاويز، جنهن جي حقن جو رڪارڊ روينيو کاتي طرفان رکيل هجي، ان جي ڪمپيوٽرائيزڊ رڪارڊ واري ڪاپيءَ جي سروسز سينٽر لاءِ خاص طور تي مقرر ڪيل فرسٽ گريڊ واري اسسٽنٽ ڪليڪٽر جي تصديق کانسواءِ بہ رجسٽر ڪيو ويندو."

پوءِ جيڪڏهن جن ايراضين ۾ اجان حقن جو رڪارڊ ڪمپيوٽرائيزڊ نہ ٿيو آهي، تہ انهيءَ حدن جو فرسٽ گريڊ وارو اسسٽنٽ ڪمشنر حقن جي رڪارڊ جي ڪاپيءَ جي تصديق ڪندو."

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي شق نمبر 28 جي تبديلي.
Amendment of section 28 of Act No XVI of 1908.

7. انهيءَ ايڪٽ جي شق 28 ۾ ،

(i) ذيلي شق (1) جا لفظ "سمورو يا ان جو ڪجهہ حصو" ڪڍيا ويندا.

(ii) ذيلي شق (2) سمورو ڪڍيو ويندو.

ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1908 جي شق نمبر 30 جي تبديلي.
Amendment of section 30 of Act No XVI of 1908.

8. انهيءَ ايڪٽ جي شق 30 جو ذيلي شق (2) ڪڍيو ويندو.

بحڪم اسپيڪر
صوبائي اسيمبلي سنڌ.

جي-ايم-عمر فاروق
سيڪريٽري صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.